مشتاق احمد گبول

# ڪيئلداس ‘فاني’ جي شاعريءَ جو فڪري اڀياس

# Thematic Analysis Of The Poetry Of Khealdas Fani


ABSTRACT:

Kaildas “Fani” is considered to be one among those poets, who, together with “Bewas” nurtured modern sindhi poetry. Instead of following the tradition of Persian poetry “Fani” accommodated his personal experiences and observations in the poetry .“Fani” belongs to the British period. British period was the constructive phase of sindhi poem and verse .“Fani’s this period displays conspicuously the influence of romanticism and revolutionary thought. We may say that “Fani” was imbibed with revolutionary ideals. In his poetry is displayed clearly the ideal of social equity and (democratic Rights) .Fani’s ideals of social equity are centred on two Points, i.e) .i (Class based (ii) Religion based.

“Fani’s” rebellion against class based society and the ideal of love for the working class is better reflected in his poems starting from “Pehredar” to “Aj jo Awaz” and other poems. “Fani” did new thematic and artistic experiments in the genre of lyric, established many new trends. Intellectually, apart from romanticism he brought the themes like revolution, rebellion, political awareness and class based society in his lyrical poetry. In times of the harsh period of prosody he opted for distinct ‘Martrak’ order in his poems and consciously attempted to keep up the tradition of Chhand in Sindhi Poetry.


ڪيئلداس ‘فاني’ جو شمار انهن چند شاعرن ۾ ٿيندو آهي، جن ‘بيوس’ سان گڏجي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي اثر کي ختم ڪري، سنڌي رنگ يعني سنڌيت جي تحريڪ کي زور وٺايو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نجپڻي کي قائم رکيو ‘فاني’به بيوس وانگر فارسي شاعريءَ جي روايت جي تتبع ڪرڻ بجاءِ پنهنجا ذاتي مشاهدا ۽ تجربا شاعريءَ ۾ سمايا. هن جي گيتن ۽ نظمن ۾ جدت

۽ ندرت آهي. انهن صنفن ۾ هن ڪلاسيڪل شعري روايت کي نئين زندگي بخشي.

’فاني‘ پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ نجپڻي کي قائم رکيو. هن جي لفظي سٽاءُ ۽ احساسن جي تازگي ڏسي، شيخ اياز هن کي ”لفظن جو سنگتراش“ ڪوٺيو آهي: ”فاني لفظن جو سنگتراش آهي. هُو انهن کي گهڙي،چلي، مهٽي سهٽي هڪ خوبصورت نظم ۾ مجسم ڪندو رهيو آهي. سندس لفظ خوبصورت چار آهن، جن ۾ هُو اڏامندڙ جذبن کي نهايت اٽڪل سان ڦاسائي ٿو.“

(شيخ،2010: 144)

انگريزن جو دور جديد سنڌي نظم ۽ گيت جو تعميري دور هو. ان دور جي سنڌي شاعريءَ تي رومانويت ۽ ترقي پسند فڪر جو اثر نمايان ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اهو ان لاءِ جو بيوس جديد سنڌي شاعريءَ جي جيڪا تحريڪ شروع ڪئي هئي، اها تحريڪ، رومانويت ۽ ترقي پسند فڪر تي ٻڌل هئي. بيوس ۽ هوندراج ’دکايل‘ ۽ ٻيا شاعر ان دور ۾ آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم هئا. تنهنڪري بيوس جي ٻين سنگ ڪوين ’فاني‘ ۽ هري دلگير به سياسي ۽ فڪري طور تي ڪانگريس ۽ سوشلسٽ فڪر سان سلهاڙيل هئا.

رومانويت جي ڪُک مان ئي ترقي پسند فڪر جنم ورتو آهي، تنهنڪري رومانويت ۽ ترقي پسند فڪر ۾ سماجي برابري ( social Equality) ۽ جمهوري حقن (Rights Democretic) جو تصور نمايان آهي. رومانويت جي لحاظ کان فطري نظام به انهن تصورن تي جُڙيل آهي. ڪنهن به سماج ۾ سياسي حالتن ۽ سماج جي جوڙ جڪ جي بنياد تي سماجي برابريءَ جو تصور اڀري ٿو. ان دور ۾ سنڌي سماج ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ سماجي برابريءَ جو تصور ٻن بنيادن تي بيٺل نظر اچي ٿو.

(الف) طبقاتي بنياد تي
(ب) مذهبي بنياد تي

ڪشنچند ’بيوس‘ کان وٺي کيئلداس ’فاني‘ تائين سنڌي شاعريءَ ۾ مٿيان ٻئي تصور پورهيت سان پيار، زردار جي لاءِ ڌڪار، انقلاب، بغاوت، ”ايڪتا “۽ ”تون مان “جي نالي سان موجود آهن.

’فاني‘ جي شاعريءَ ۾ طبقاتي سماج خلاف بغاوت ۽ سماجي برابريءَ جو تصور ملي ٿو. ’بيوس‘ جيڪو پنڌ ”جهوپڙي “نظم کان شروع ڪيو هو، ’فاني‘ ان کان اڳتي وڌي ”پهريدار “، ”هي تنهنجو سنسار “۽ ”اڄ جو آواز “تائين پهچايو.

نيڻ نڪنڊ جئن رات سڄيءَ ۾ ڏرڪي ڪين ڏڪين ٿو،
”هي ها “جي هوڪن هڪلن سان نڙي به چست رکين ٿو،

پنهنجي گهر جو خاوند واهي، گهر گهوري ٿين پَرَ ڏي راهي،
لوڙ ڪيئه لاچار،
رات چپر جي، جيءَ جو جوکو، ڏاين جو ڏهڪار.

تون جاڳين،پر سڀ سُتل آ بي فڪرو بنگلن ۾،
تنهنجي جان خريدي روپين ويهن يا ٽيهن ۾،
سيٺ سمهيو سڀ چنتا لاهي، تو وٽ ڦر جو ڦرنو آهي،
وهه! تنهنجو ويچار،
مال پرائي تي ٿو ٻڌجين سر سهسائڻ هار.

مورک پهريدار! جي هيڪر پنهنجو قدر سڃاڻين،
ڪوڙي نانوَ شرافت ۾ جي سچ ڪا حرفت ڄاڻين،
چاڪر مان تون مالڪ ٿبين، ماڻهن ۾ تون ماڻهو ڳڻبين،
عمر نه سهه آزار،
ٿوڙي ٽجوڙي ڪر تون هٿ کي پاڳ پريو هٿيار.
(فاني،1995: 60)

”پهريدار “منفرد هيئت رکندڙ گيت آهي، جنهن ۾ نظم ۽ گيت ٻنهيءَ جو امتزاج آهي. اهو گيت موضوع جي لحاظ کان به انفراديت جو حامل آهي. هيءُ گيت پورهيت سان تخاطب واري انداز ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ شعله بياني ۽ بغاوت جي پنيٺ ٻري رهي آهي. اهو گيت، پئسي تي پورهئي جي حق جي دعويداري ڪندڙ آهي. ان گيت بابت شيخ اياز لکيو هو ته:
”نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هي سنڌ جو جهونو شاعر، پنهنجي ادبي رفيقن جو ساٿ ڇڏي، ترقي پسند ادب جو جهنڊو جهولائي،اڳتي وڌي آيو آهي. ڪهڙي نه سهڻي تصوير! رات جي دهشت خيز خاموشي، نيڻ نکند،”هي ها “جا هوڪا! چڻ شڪارپور جو پئنچائتي پهريدار اکين اڳيان اچي وڃي ٿو. ڪهڙو نه بغاوتي احساس! جو سڄي رات منٺي ننڊ ڪري تنهن جي ٽجوڙيءَ ۾ لک، جو ڏيئي ٻري کان پرهه ڦٽيءَ تائين اک نه لائي، تنهن جي ڳنڍ ۾ ويهه يا ٽيهه رپيا ماهوار پگهار سندس ڪل پُونجي. سندس رت ست جي بها،بي خوابيءَ بيتابيءَ جو اُجورو! پويون سٽون ته چڻ عوام کي للڪاري چئي رهيون آهن ته ”اُٿو پيسي تي پورهئي جو حق آهي! اچو! پنهنجي دولت پايو!”

(شيخ،1947: 23)
‘فاني’ جو اهو گيت طبقاتي نظام تي ڀرپور وار وانگر آهي. جديد سنڌي نظم ۽ گيت جي حوالي کان اهو دور باغيانه دور هو ۽ سنڌي شاعريءَ تي ان دور جي باغيانه فڪر جو اثر آهي. ان دور جي سنڌي شاعريءَ ۾ طبقاتي سماج خلاف بغاوت ۽ نفرت جو اظهار آهي. ان دور جي شاعرن جي ذهن ۾ هڪ نئين لاطبقاتي نظام جو تصور موجود هو ۽ اهي ان تصور کي

آڏو رکي سماجي اڻ برابري خلاف اٿي کڙا ٿيا هئا. ان دور جي سنڌي شاعرن وٽ سماجي برابريءَ جو تصور هو ۽ هُو ان لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا. ان لحاظ کان ”فاني “جو گيت ”اڄ جو آواز “پڻ هڪ اهم مثال آهي، جنهن ۾ پڻ بغاوت آهي ۽ زوراور زردار تي وار ڪرڻ لاءِ اُتساهيو ويو آهي.

”انقلاب ڳلو ڦاڙي ٿو ڪٿا ڪري سر باز،
پکڙ پونگين چنل چنن مان اُٿي هليا آواز،
”بنگلن جا بنياد هِلايو،
پٽيون پٽين سان نه ملايو،
ويريءَ تي ڪر وار،نه ڇڏ ڪو زوراور زردار.

صدين کان جو بٽيو آيو تنهن کي هاڻ بگاڙ،
بگڙي پئه پنهنجي بگڙيءَ جو عيوض پاڻ اگاڙ،
حق پلئه آ تنهنجي باقي،
باغي! ٻي ڇا جي غمناڪي،
دور ڪرين آزار، نه ڇڏ ڪو زوراور زردار”
(فاني،1995: 22)

مذهبي بنياد تي سماجي برابريءَ جو تصور، تڏهن سنڌي شاعريءَ جو موضوع بڻيو، جڏهن سنڌ ۾ مذهبي فساد شروع ٿيا. ان لحاظ کان ان دور ۾ به اهم واقعا مذهبي تفرقي جو سبب بڻيا. پهريون واقعو اهو هو جو، هڪ نومبر 1939 تي ڀڳت ڪنور رام کي ڪن شر پسندن شهيد ڪيو ۽ ٻيو واقعو مسجد منزل گاهه وارا فساد هئا. ان دور ۾ مسلمانن کي مسلم ليگ جي حمايت حاصل هئي. مسجد منزل گاهه وارن خونريز فسادن ۾ 14 مسلمان ۽ 151 هندو ماريا ويا هئا. مسجد منزل گاهه واري مسئلي تي مسلمانن کي پڙڪائڻ پٺيان سياسي عزم ڪارفرما هئا. مسلم ليگ چاهيو ٿي ته ڪيئن به حڪومت جو خاتمو ٿئي. فسادن کان پوءِ ايئن ئي ٿيو. الله بخش سومري جي حڪومت ختم ڪئي وئي.

مسجد منزل گاهه وارن فسادن جي ڪري مسلمانن ۽ هندوئن جي وچ ۾ تفرقو پيدا ٿي پيو ۽ سنڌي قوم مذهبي بنيادن تي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ لڳي.

‘فاني’ ترقي پسند ۽ روشن خيال شاعر هو. ان لاءِ هُو سنڌي قوم جي وچ ۾ تفرقي جو قائل نه هو. هُو انسانيت ۽ سماجي برابريءَ جو قائل هو ۽ هن پنهنجي شآعريءَ ۾ ان فڪر جي ڪليل پرچار نئين ۽ منفرد انداز ۾ ڪئي.

تنهنجي سجدي ۾ سمايل آهه منهنجي ساڌنا،
منهنجي ٻاريل واس مان توکي به ملندي واسنا،
ٻانگ تنهنجي کي ٻُڌي،ڏس آءٌ به بي خود ٿي چوان،

"خير جا والي ڪندين تون خير پنهنجي مهر سان."
تنهنجي مسجد ۾ اگر آءٌ پريم سان آيس گهڙي،
ڪُل فرشتا عرش تان منهنجي مٿان آيا مِڙي،
منهنجي مندر ۾ اگر تنهنجو مبارڪ پير پيو،
سچ ته پوءِ انسانيت جو شان ۽ رتبو وڌيو.
(فاني،1995: 171)

مذهبي ويڇن کي ختم ڪري، انسانيت ۽ سماجي برابريءَ جي ڳالهه ڪرڻ سان گڏ 'فاني' فطري نظام ۾ برابريءَ جا کهڙا نه سهڻا مثال ڏنا آهن!

ڏس ته جنهن انسان جو خاوند ڪيو عضوو خراب،
اڻ لکو آگر ۾ پيدا ٿي پوي هلڪو حساب،
پير ڏرتيءَ تي فقط گهمڻي ۾ جو پٺري الڳ،
عام جي نظرن ۾ سو انسان ٿو نظري الڳ.
عيب اهڙي جو جراحن کي به ٿيو سمجهڻ محال،
آهه قدرت جي بگاڙيل چيز جو بڻجڻ محال،
ڏس ته قدرت کي اگر ويڇو هجي ويچار ۾،
توکي اک ڪاڏيءَ تي ڏي هاٿون کي اک ڪاپار ۾.
(فاني،1995: 171)

نظم جي ان شعر ۾ رومانويت ۽ ترقي پسند فڪر جو حسين امتزاج آهي. جن سماجن ۾ مذهبي ويڇا ناهن، انهن سماجن ۾ اهڙين ڳالهين جو ڪو تصور به ناهي. اهو تصور سنڌ ۾ سياسي حالتن ۽ مذهبي فسادن جي ڪري اڀريو ۽ 'فاني' مذهبي بنيادن تي انسانن جي وچ ۾ موجود ان تفرقي خلاف پنهنجو سگهارو آواز بلند ڪيو. ڇو ته هن ڄاتو ٿي ته اهو تفرقو، غلاميءَ مان نجات ڏيارڻ ۾ بندش پيو وجهي. ان لاءِ هن مذهبي ويڇا وساري غلاميءَ سان لڙڻ جي راهه ڏَسي آهي.

فرض پهريون آ غلامن جو غلاميءَ سان لڙڻ،
ظلم کي پاڙون پٽڻ ذلت ايامي سان لڙڻ.
(فاني،1995: 144)

ان شعر ۾ 'فاني' جو فڪر، مذهبي ويڇا وسارڻ واري سوچ کان مٿانهين بيٺل نظر پيو اچي. ان شعر ۾ هُن وٽ جمهوري حقن (Rights Democretic) جو تصور پيدا ٿي پيو آهي. ان شعر کان وٺي فاني جي گيت "سورهيائيءَ جو سبق "۾ وطن پرستيءَ جو عنصر ۽ سياسي شعور ڀرپور نموني موجود آهي.

"جڏهن غلامي ساهه گهٽيندي،
غيرت تن مان اڀري ايندي،

کهڙي دل قربان نه ٿيندي،
وېڻ وچڻ جي وير،
دل تان غم ڪر دور دلير!
جاڳڻ جو جڳ ناد وڄايو،
سپڪو سڌ تي ڪُڏندو آيو،
توکي ڪنهن ادڪي نه اٿاريو،
هي سانجهي نه سوير،
دل تان غم ڪر دور دلير!
ڪيتر پاڻ غلام سڏيندين،
ڪشٽ ڪشالن سان نه ڪٽيندين،
چرڪ پري بزدل نه ڇڏيندين،
هيٺائيءَ جي هير،
دل غم ڪر دور دلير!"

(فاني،1995: 24)

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۽ هند جون سياسي ۽ سماجي حالتون بدلجي ويون. جنهن آزاديءَ جو تصور رکي، آزاديءَ جي ويڙهه وڙهي وئي هئي، اُن جو پرم ٽٽي ويو. آزاديءَ جي اچڻ سان ٻه مُلڪ ته وجود ۾ ضرور آيا، پر سماجي حالتون ساڳيون رهيون. آزاديءَ کانپوءِ طبقاتي نظام ختم ٿيڻ بجاءِ وڌيڪ مضبوط ٿيو.

ورهاڱي کان اڳ ۾ جيڪو آزاديءَ جو خواب ڏٺو ويو هو، اُهو خواب صرف انگريزن کان آزاديءَ جو نه هو، پر اهو خواب هو جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ نظام جي خاتمي جو ۽ هڪ نئين شوشلسٽ نظام جو سونهري خواب، جنهن ۾ سماجي برابري ۽ لاطبقاتي سماج جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻي هئي. اهڙي سونهري خواب جي پوري نه ٿيڻ سبب، ورهاڱي جي شروعاتي دور تائين ترقي پسند فڪر، سنڌي شاعريءَ جو اهم موضوع رهيو.

جڏهن آزادي پنهنجي معنيٰ وڃائي ويٺي ۽ سماجي برابري جي بنياد تي انقلاب اچي نه سگهيو،ته آزاديءَ کان پوءِ به ساڳيو نظام جيئن جو تيئن جاري رهيو. تنهنڪري آزاديءَ مان سماج جو پيڙهيل طبقو لاڀ ماڻي نه سگهيو ۽ اهو مظلوم طبقو اهو چوڻ تي مجبور ٿيو ته:

اي اڳواڻ! مبارڪ تنهنجي قوم سندي اڳواڻي،
او ڏنوان! وڌايون، تنهنجي واهه وڌي ڏنواني،
تون وڏندو وئين، منهنجو تومان گهٽبو ويو ايمان،
مون مفلس جو ڇاهي، جنهن تي آءٌ ٿيان نازان؟

مان جهنگلن ۾، تون بنگلن ۾ موجي محلن واسي،
تون فرحت عشرت ۾ مون وٽ چنتا جي چوراسي،
قحط سمي ۾ تنگ گذر مان ڪيئن ٿئي گذران؟
مون مفلس جو چاهي، جنهن تي آهٔ ٿيان نازان؟
(شيخ،1947: 146)

فاني جو اهو نظم ”مظلوم جي پڪار“، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پاران سهيڙيل فاني جي ڪليات ”سمنڊ سمايو بوند ۾ “۾ شامل ناهي ۽ فاني جو پيو به ڪيترو ئي مواد ان ڪتاب ۾ ڇپجڻ کان رهجي ويو آهي. اهو هڪ الڳ موضوع آهي.

ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۽ پاڪستان ۾ سرجندڙ سنڌي ادب جا موضوع تبديل ٿي ويا. سنڌي شاعريءَ ۾ وطن پرستي ته اڳ ۾ موجود هئي، پر سنڌ جي سياسي حالتن جي آڌار تي ان ۾ قوم پرستي جهڙو سياسي فڪر به پوري سگهه سان سمائجي ويو ۽ هند ۾ سرجندڙ سنڌي ادب ۾ ورهاڱي جو درد ۽ سنڌ سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ٿيڻ لڳو ۽ کين وطن جي ياد ستائڻ لڳي.

او منهنجا وطن دلدار وطن!
ڪيا ڪيڏا پلائڻ جا مون جتن،
لڳي لونءَ لونءَ ۾ آهي اهڙي لڳن،
پُل ڪان نه ڀُلن اهي پاڻ پون،
ڪوشش مون ڪئي ويرٿ سا وئي،
ڳاريندي رهي، ڪرمن جي ڪئي.

اها جهانگين جي جهونگار ڪٿي،
اهي چنگ گهڙا يڪتار ڪٿي،
اهي ڪوهه ڪٿي،اهي نار ڪٿي،
اها باغن جي آ بهار ڪٿي،
اهي ڪير ونگا گدرن جون وليون،
اهي واڙ پلا چانهن جون چليون.

ڀڄي جن آ ڀڄايو مون کي وطن!
ڇڏي جن آ ڇڏايو مون کي وطن!
لڏي جن آ لڏايو مون کي وطن!
جن روهه رلايو مون کي وطن،
’فاني‘ سي ڏسان دردن ۾ دکي،
سالن ۾ ٿين ساعت نه سکي.
(فاني،1995: 205 ۽ 206)

فاني، گيت ۾ نوان موضوعاتي ۽ فني تجربا ڪيا.ان ۾ جدت سان گڏ نوان لاڙا آندا ۽ سنڌي شاعريءَ جي لُغت کي وسيع ڪيو. ان ۾ ٻوليءَ جي

خوبصورتي آندي. فڪري لحاظ کان هن گيت ۾ انقلاب، بغاوت، سياسي شعور ۽ طبقاتي نظام جهڙا موضوع آندا. ‘فاني’ جا گيت ”پهريدار، “۽ ”سورهيائي جو سبق “ورهاڱي کان اڳ واري سنڌي شاعريءَ جي چند اهم گيت شمار ٿين ٿا. بيوس،فاني،دڪايل، دلگير ۽ اياز سنڌي گيت کي تخيل جي بلندي بخشي.انهن شاعرن جا گيت، سنڌي شاعريءَ ۾ رومانويت جا شاهڪار نمونا آهن.

‘فاني’ جي هيٺين گيت ۾ منظر نگاري آهي، پر اُن جو مقصد، فطرت جي سُونهن ۾ پاڻ کي گُم ڪرڻ نه آهي. اُن جو واسطو، دلي جذبن، احساسن ۽ ڪيفيتن سان آهي ۽ مُند جي عڪاسي انساني جذبن ۽ احساسن موافق ڪئي وئي آهي.

مُند موٽي پر محب نه موٽيو،
ڪنهن سان روح ريجهايان،
سرتيون سانوڻ ڪيئن ملهايان!
جئن جئن اُڀ ۾ بجلير پڙڪي،
تئن تئن وياڪل دل ٿي ڌڙڪي،
البيلي جي اوسيئڙي ۾،
پل پل سر سوريءَ تي لڙڪي،
ڪڪرن کي جهولي ڦهلايان،سرتيون سانوڻ....

اڪڙيون! آليون ٿيو نه اڳ ۾،
روچ وندي روڪيو رڳ رڳ ۾،
ڪڪرن جو جئن هيانءُ نه ڦاٽي،
دلبر روڪي چڏن نه دڳ ۾،
پاڻ کي پاڻ پئي پرچايان،سرتيون سانوڻ....

پر موسم تي جوڀن آيو،
ڪڪرن عرض اصل نه اگهايو،
مُنهن ڪارا دل جا ڪارا ٿي،
گجگوڙن کان ڪين گهٽايو،
اُدڪن ۾ ٿي ڏيل ڏڪايان، سرتيون سانوڻ....

غم غربت جو ڪونه ستائي،
پير پرين جي گهر ۾ پائي،
هڪ غربت ٻي ”فاني “فرقت،
رئندي رئندي حال وڃايان،
سرتيون سانوڻ ڪيئن ملهايان!

(فاني،1995: 44)

گيت ۾ ”فرقت “۽ ”غربت “رليل مليل آهن.ان گيت ۾ ڪهڙي نه حسين منظرڪشي ڪئي وئي آهي! گيت پڙهندي سانوڻ جي مُند اکين اڳيان ڦري ٿي اچي. هن گيت جا عڪس انوکا ۽ منفرد آهن.گيت ۾ فرقت جو دک، غربت جي دک سان ملي ويو آهي. ان گيت ۾ اڪيلي نار جي اندر جي پيڙا آهي. ان پيڙا سان گڏ بي خبريءَ جي احساسن جي پڻ عڪاسي ٿيل آهي.
هن گيت کي اهو يا اها سمجهي يا ماڻي سگهي ٿي،جنهن اڪيلي سانوڻ گُذاري هجي ۽ جيڪا ان ڪيفيت ۽ احساسن مان گذري هجي!
فاني جي ڪيترن ئي گيتن ۾ درد ۽ وڇوڙي ۽ جُدائيءَ جا احساس پريا پيا آهن ۽ انهن گيتن ۾ عورت جي دلي جذبن ۽ احساسن جي مصوري لفظن جي بُرش ذريعي ڪئي وئي آهي.

لنئن نه اجايو لات پکيئڙا! لنئه نه اجايو لات،
تنهنجي لات مان ساجن سمجهي ڪانه برهه جي بات.

نيڻ نراشا جا اُگهندي مان ويٺس پاند پسائي،
هوا گهلي منهنجي اکين جا ڳوڙها ڪيئن سُڪائي،
هڪ ڏينهن ناهي روز اکين ۾ بادل ۽ برسات، پکيئڙا...

جيئن جيئن پرين وسارڻ چاهيان تئن تئن ياد اچي ٿو،
جئن جئن حال وندڻ ڪو چاهي تئن تئن درد مچي ٿو،
ڏينهن ڏکن جا چپ ۾ گهاريان رئندي گهاريان رات، پکيئڙا....

(فاني،1995: 45)

فاني جي گيتن ۾ روحانيت جو عنصر به آهي.
توکي ڪيئن پرچايان پريتم، توکي ڪيئن پرچايان.

کير گانءِ جو گابڙو پي ويو،ڏهڻ کان اڳ ئي جُونو ٿي ويو،
پنور گلن مان واس وٺي ويو،ڪهڙي پيٽ چڙهايان،پريتم....

تنهنجا سج چنڊ جڳ جرڪائن، جت ڪٿ ٿا پرڪاش پچائن،
تنهنجي تجلي تيج اڳيان مان، ڪهڙي جوت جڳايان، پريتم....
(فاني،1995: 48)

فانيءَ جي تخليقي قوت جو پرواز هن جي گيتن ۾ ملي ٿو. فانيءَ جا گيت منفرد هيئت ۽ سٽاءَ سان گڏ چند جي ڪري فني طور سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي الڳ حيثيت رکن ٿا.

وسي ٿي ڪرڻن جي برسات،اجان اڌ رات،
برهه جي پيرن تي پرڀات،اجان اڌ رات.

رات جي چادر ۾ چنڊ،
محبت جو آ وچ ۾ منڊ،
تڪڻ جي تارن کي آ تات،اڃان اڌ رات.

لڳي ٿي ٺڏڙي منڙي هير،
ڪري ٿي ساٿا ساهه سڌير،
اچي ٿي جنبش ۾ جذبات،اڃان اڌ رات.

ڇٽي ٿو شبنم جو رس رنگ،
پري ٿي هر شيءِ منجهه امنگ،
لهي ٿي سرڳ منجهان سوغات،اڃان اڌ رات.

(فاني،1995: 49)

ان گيت جي هيئت، ٻولي، منظرڪشي، ۽ ترنم انفرادي حيثيت رکن ٿا. جيتوڻيڪ هُو علمِ عروض جو ماهر هو، پر هن جا اڪثر گيت ماترائن تي لکيل آهن. اها هن جي گيتن جي فني انفراديت آهي. ڇو ته ان دور ۾ اڪثر غزلگو شاعر، شاعري گهٽ ۽ عروض وڌيڪ لکي رهيا هئا. فاني عروض جي سختگير دور ۾ گيتن ۾ فني طور پنهنجي لاءِ الڳ ماترڪ ترتيب جي چُونڊ ڪئي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ ماترڪ ترتيب کي رائج ڪرائڻ جي شعوري طور ڪوشش پڻ ڪئي.هن جا ڪيترائي گيت، نطم جو امتزاج رکن ٿا ۽ ساڳي طرح هن جا ڪيترائي نظم، ٻولي،رواني،ميٺاج ۽ رس چس توڙي موضوع جي لحاظ کان گيت جو حسين امتزاج رکن ٿا. ان ڏس ۾ هن جا نظم ”رات“، “زندگيءَ جي شام”،“ او منهنجا وطن”، ۽ ”ڪوتا “مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا. هن جي نظمن، ”رات“، “زندگيءَ جي شام، “۽ ”ڪوتا “جو ته سمورو وايو منڊل ئي گيت وارو آهي. نفاست، نزاڪت، ميٺاج، رس چس ۽ ٻولي به گيت واري ڪم آيل آهي.

**حوالا:**


اياز،شيخ، (2010). نثر 1، ڪراچي: ثقافت کاتو،حڪومتِ سنڌ.

فاني، ڪيئلداس (1995). سمنڊ سمايو بوند ۾. مرتب: انور ”فگار “هڪڙو، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

هڪڙو،انور فگار،(2010). اڳتي قدم (ٽيئي شمارا گڏيل). حيدرآباد: شيخ اياز فائونڊيشن.